ACADEMIA International Journal for Social Sciences
Volume 4, Issue 4(b), 2025 ISSN-L (Online): 3006-6638

# The Importance and Necessity of Hadith and the Sunnah of the Prophet

# حديثۡ سنت رسولﷺ جي اهميت ۽ ضرورت

**Dr.Rahmatullah Ahsan**
rahmatullahahsan44@gmail.com
Visiting Faculty, Bahria University, Karachi, Pakistan

**Corresponding Author: Dr.Rahmatullah Ahsan** rahmatullahahsan44@gmail.com

**Received:** 04-11-2025 **Revised:** 20-11-2025 **Accepted:** 05-12-2025 **Published:** 20-12-2025

## ABSTRACT

*Obeying and following the sayings and actions of the Holy Prophet Muhammad ﷺ is just as obligatory for all Muslims today as it was for the noble Companions during the Prophet's lifetime. Although the Holy Prophet ﷺ is no longer physically present among us, every saying and action of his life—his day and night routines, acts of worship and struggle, domestic life and public life, life in Makkah and life in Madinah, times of hardship and times of prosperity—in fact, his entire 63-year life—is available before us like an open book.*

*So much so that every statement, action, and mannerism of the Holy Prophet ﷺ has been conveyed to us. There is no saying or action from the Prophet's life that has not reached us. The responsibility of conveying every saying and action of the Holy Prophet ﷺ to us was fulfilled by his noble Companions. Regarding them, Allah Almighty states in the Holy Qur'an: (Allah is pleased with them, and they are pleased with Him).*

*The noble Companions are that blessed group of people about whom Allah Almighty declared His pleasure while they were still in this world. The Holy Prophet ﷺ entrusted them with the responsibility of conveying all of his sayings and actions to others. The Companions did not assume this responsibility on their own; rather, the Prophet ﷺ himself instructed them, saying: ... (text continues). "Convey from me to others, even if it is only a single verse."*

*The Holy Prophet ﷺ not only encouraged people to convey his message, but he also warned them to transmit only those things that he had actually said. One should not fabricate any statement from oneself and then attribute it to him. He warned that whoever does so will have Hell prepared for him, and Hell will be his abode.*

*The Prophet ﷺ said:* ***"Whoever deliberately tells a lie about me, let him take his seat in the Fire (Hell)."***

***Keywords:*** *Obedience to Prophet Muhammad □, Sunnah, Hadith transmission, Companions (Sahabah), Islamic teachings, Preservation of Sunnah, Authentic narration*

## INTRODUCTION

**ٻي ڪريم**ﷺجن جي قول ۽ فعل جي اطاعت ۽ اتباع ڪرڻ تمام مسلمانن لاءِ اڄ به ائين ئي لازمي آهي جهڙي طرح نبي ڪريم ﷺجي زندگي ۾ اصحاب سڳورن تي لازمي هئي. جڏهن ته اڄ نبي ڪريمﷺجن اسان جي وچ ۾ موجود نه آهن پر پاڻ ﷺجن جو هر قول ۽ فعل ڏينهن ۽ رات جو عمل، عبادت ۽ جهاد، گهرجي زندگي ۽ گهر کان ٻاهر واري زندگي، مڪي زندگي ۽ مدني زندگي تنگيءَ واري زندگيءَ ۽ خوشحالي واري زندگيءَ مطلب ته نبي ڪريم ﷺجن جي 63 سالن واري سموري زندگي اسان جي آڏو کليل ڪتاب وانگرموجود آهي. ايتري

قدر جو نبي ڪريم ﷺجن جو هر قول، عمل ۽ هر ادا اسان تائين پهتي آهي. نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگي جو اهڙو ڪوئي قول ۽ عمل نه هوندو جيڪو اسان تائين نه پهتو هجي. نبي ڪريم ﷺجي هر قول ۽ عمل کي اسان تائين پهچائڻ جي ذميواري پاڻ سڳورن جي ساٿين اصحابي سڳورن سرانجام ڏني جن جي لاءِ الله تعالى قرآن مجيد ۾ هي ارشاد فرمايو آهي ته رضي الله عنهم الله انهن کان راضي ٿي ويو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا. اصحابي سڳورا انسانن جي اها جماعت آهي جن کان الله تعالى دنيا ۾ راضي ٿي وڃڻ جو اعلان ڪيو آهي. تن تي نبي ڪريم ﷺجن اها ذميواري سونپي ته اهي پاڻ سڳورن جو هر قول ۽ عمل ٻين تائين پهچائن ۽ اها ذميواري اصحابي سڳورن پنهنجي سر پاڻ ناهي کنئين پر پاڻ سڳورن جو ارشاد ٿيو ته : بلغو اعني ولو آية(1 )"مون کان ٻڌي ٻين تائين پهچايو ڀل هڪڙي آيت ئي ڇونه هجي" نبي ڪريم ﷺ جن صرف پهچائڻ جي ترغيب ناهي ڏني پر پاڻ سڳورن خبردار به ڪيو آهي ته اهائي ڳالهه پهچايو جيڪا مان چئي هجي ائين نه ٿي جو ڪو شخص پنهنجي طرفان ڪا ڳالهه ٺاهي ڪري مون ڏانهن ان کي منسوب ڪري پر ٻڌي ڇڏيو جيڪو به ائين ڪندو ته ان لاءِ جهنم تيار آهي ۽ ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي. پاڻ ارشاد فرمايائون ته : من ڪذب عَلَي معتمداَ فليتبوا مقعد ه من النار.(2) جنهن به ڄاڻي واڻي منهنجي طرف ڪوڙ منسوب ڪيو ته پوءِ ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي. ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن ان شخص لاءِ دعا فرمائي آهي جنهن شخص حديث ٻڌي ڪري ٻين تائين پهچائي پاڻ سڳورنﷺجن ارشاد فرمايو : نضرالله امراءَ سمع مقالتي فبلغها "الله تعالى ان شخص کي تروتازا رکي جنهن منهنجي ڳالهه ٻڌي ۽ ٻين تائين پهچائي.(3)

## رسول ﷺجن جي حديث مبارڪ کي ٻين تائين پهچائڻ:

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن حجة الوداع جو خطبو ڏئي رهيا هئا ته پاڻ فرمايائون توهان کي خبر آهي ته اج ڪهڙو ڏينهن آهي ؟ اصحابي سڳورن چيو ته الله ۽ ان جو رسول بهتر ئي ڄاڻي ٿو ۽ اصحابي سڳورا چون ٿا ته اسان کي گمان ٿيڻ لڳو ته شايد پاڻ سڳورا هن ڏينهن جو نالو مٽائيندا، ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ڇا هي قربانيءَ جو ڏينهن ناهي؟ پوءِ اصحابي سڳورن وراڻيو ته هائو اي الله جا رسولﷺ!وري پاڻ فرمايائون ته هي ڪهڙو شهر آهي؟ڇا هي بلدالحرام نه آهي اصحابي سڳورن وراڻيو ته هائو اي الله جا رسول ﷺ! پوءِ پاڻ ﷺجن فرمايو ته "بيشڪ توهان جو خون،توهان جي عزت،توهان جو مال ۽ آبرو توهان جي لاءِ محترم ۽ عزت وارو آهي هن ڏينهن، هن مهيني ۽ هن شهر ۾ ،خبردار ٿيو. ڇا مان توهان تائين دين پهچايو؟ اصحابي سڳورن وراڻيو ته هائو اي الله جا رسولﷺ تنهن کان پوءِ پاڻ ﷺجن الله کي گواهه بڻائي فرمايو ته " اي الله! تون گواهه رهجان" پوءِ توهان مان هر موجود ماڻهو غير حاضر ماڻهوءَ تائين اها ڳالهه پهچائي،(4) هن حديث شريف مان اها ڳالهه ثابت ٿئي ٿي ته نبي ڪريمﷺجن پنهنجي قول ۽ فعل کي ٻين تائين پهچائڻ جي ذميواري پنهنجي زندگي ۾ ئي اصحابي سڳورن کي ڏئي ويا هئا.

اهڙي طرح اسان تائين پهتل هر صحيح قول ۽ فعل تي عمل ڪرڻ ائين لازمي آهي جهڙي طرح اصحابي سڳورن تي لازمي هو قرآن مجيد ۾ الله تعالى ارشاد فرمايو آهي ته: ﴿ وَ مَاۤ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُۗ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ﴾ (5) "جيڪو ڪجهه اوهان کي الله جو رسول ﷺ ڏي ان کي وٺو ۽ جنهن کان هو توهان کي روڪي ته ان کان رڪجي وڃو." جيڪڏهن ڪنهن مسئلي جي باري ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جو قول

۽ فعل موجود آهي ته پوءِ سڀني مسلمانن جي مٿان ان تي عمل ڪرڻ فرض آهي. ڇو نه اهو ڪهڙو به زمانو، ڪهڙو به ملڪ ۽ ڪهڙو به شهر هجي ائين نٿا چئي سگهون ته اڄ جي دور ڪي هن جي گهرج نه آهي تنهن ڪري هن فرمان تي عمل نه ڪبو، جيڪڏهن ائين ڪنداسين ته پوءِ الله تعالى جو هي فرمان اسان جي مٿان لازمي ايندو ته : **وَ مَا كَانَ لِمُؤْمِنٍ وَّ لَا مُؤْمِنَةٍ اِذَا قَضَى اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗۤ اَمْرًا اَنْ یَّكُوْنَ لَهُمُ الْخِیَرَةُ مِنْ اَمْرِهِمْؕ وَ مَنْ یَّعْصِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا مُّبِیْنًاؕ(36)** (6) ” نٿو جڳائي ڪنهن مؤمن مرد ۽ مؤمن عورت کي ته جڏهن الله ۽ ان جي رسول ﷺڪنهن معاملي مطابق ڪو فيصلو ڪري ته هو پنهنجو اختيار استعمال ڪري ۽ جيڪو نافرماني ڪندو الله ۽ ان جي رسول جي ته بيشڪ هو ڇٽو گمراهي ۾ آهي.“ هن آيت مبارڪه مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته جيڪو شخص الله ۽ ان جي رسول جي ٻڌايل فيصلي جي برخلاف ڪم ڪندو ته اهو گمراهه سڏبو ڇو نه اهو پاڻ سڳورن جي رحلت کان پوءِ جو هجي ۽ اهو به اهڙي طرح ئي نافرمان سڏيو ويندو جهڙي طرح ڪو پاڻ سڳورن جي موجودگي ۾ هجي. ڇاڪاڻ ته الله تعالى جو فرمان آهي **تهيٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْۤا اَطِیْعُوا اللّٰهَ وَ اَطِیْعُوا الرَّسُوْلَ** (7) ”اي ايمان وارؤ الله ۽ ان جي رسولﷺجي اطاعت ڪريو“ الله تعالى پاڻ سان گڏ پنهنجي رسولﷺجي اطاعت به لازمي قرار ڏني آهي.اهو ان ڪري جو رسول الله ﷺ جو قول ۽ عمل به وحي خفي آهي ۽ ان جي تائيد ۾ الله تعالى هن آيت مبارڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي ته **وَ مَا یَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰىؕ(۳)اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْیٌ یُّوْحٰىۙ(۴)** ( 8) ” رسول ﷺپنهنجي مرضي سان ناهي ڳالهائيندو پر ان جي طرف وحي موڪلي ويندي آهي“.جيڪڏهن ڪو ماڻهو اها دعوى ڪري ته رسول جي هر قول ۽ فعل تي عمل ڪرڻ لازمي نه آهي ته اهڙي ماڻهوءَ لاءِ اهو چوڻ ئي ڪافي آهي ته هن قرآن ۽ سنت کي ناهي سمجهيو ۽ قرآن ۽ سنت جي تعلق کان ناواقف آهي ۽ هو رسول ﷺجي حيثيت کي سمجهي نه سگهيو آهي.

## رسول ﷺجن جو فرمان حجت آهي:

مولانا مودودي رحمة الله لکيو آهي ته :مان چوان ٿو ته رسول ﷺجن جنهن به وقت جيڪو ڪجهه به ڪندا هئا ته رسول جي حيثيت سان ڪندا هئا، نبي ڪريم ﷺجن جو سڀ ڪجهه نفساني خواهشات کان پاڪ هو. الله تعالى نبي ڪريمﷺجن کي فطرت سليم عطا ڪئي هئي. تقوى ۽ پاڪائي جون حدون پاڻ سڳورن ﷺجن کي ٻڌايون ويون هيون ۽ پاڻ سڳورنﷺجا سڀ ئي قول ۽ فعل انهيءَ فطرت مان صادر ٿيندا هئا۽ انهن حدن جي دائري ۾ ٿيندا هئا“ (9)جيڪڏهن ڪجهه حديثون اهڙيون ملن ٿيون جن مان اهو ثابت ٿئي ته نبي ڪريم ﷺ جن جو اڳ ۾ فرمان هڪ هو ۽ بعد ۾ ٻيو ته ان مان اهو مطلب نه وٺبو ته هي عمل نبي جي حيثيت سان نه آهي پر بحيثيت عرب جي يا بحيثيت عام انسان جي آهي ته اها تمام وڏي غلطي آهي جيڪا قرآن ۽ سنت جي تعليمات جي برخلاف آهي۽ سراسر گمراهي آهي. رسول الله ﷺ جي زبان مان ادا ٿيل هر لفظ ۽ هر جملو بحيثيت رسول الله جي ئي آهي ان کان سواءِ ٻي ڪابه حيثيت ناهي جو چئجي ته پاڻ سڳورن جو فلاڻو قول ۽ فعل نبي جي حيثيت سان ادا ٿيل نه آهي يا هي قول ۽ فعل نبي ڪريم ﷺ جي ناراضگيءَ واري حالت ۽ ڪيفيت ۾ ادا ٿيل آهي. هن سڄي فڪر ۽ سوچ جي ترديد نبي ڪريمﷺ جن پاڻ فرمائي آهي جنهن کي عبدالله بن عمروبن العاص نقل ڪيو آهي ته ” مان رسول اللهﷺکان جيڪي ڪجهه ٻڌندو هوس اهو سڀ جو سڀ لکي ڇڏيندو هوس ته جيئن ان کي ياد ڪري

سڀني تنهن تي ڪجهه قريش جي ماڻهن مون کي لکڻ کان روڪيو ۽ چيائون ته جيڪا ڳالهه تون رسول الله ﷺ کان ٻڌين ٿو لکي ٿو ۽ ڇڏين جيئن ته پاڻ سڳوراﷺ جن انسان آهن خوشي ۽ ناراضگي واري حالت ۾ به گفتگو ڪندا آهن جنهن جي ڪري مان لکڻ ڇڏي ڏنو ۽ ان ڳالهه جو ذڪر رسول الله ﷺ جن سان ڪيو تنهن تي پاڻ ڪريمﷺجن پنهنجي زبان مبارڪ ڏانهن اشارو ڪندي ارشاد فرمايو ”تون لکندو رهه قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي هن زبان مان حق ڳالهه کان سواءِ ڪجهه ناهي نڪرندو“(10)

هن حديث شريف مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته رسول هر حال ۾ رسول ۽ حجت هوندو آهي ۽ رسول الله ﷺجن جي پوري زندگي هر حال ۾ امت جي لاءِ قابل اتباع ۽ اطاعت هوندي آهي. تنهن ڪري نبي ڪريم ﷺ جن عبدالله بن عمرو بن العاص ؓکي اهو حڪم ڏنو ته تون لکندو ڪر قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي هن زبان مان حق ڳالهه کانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي نڪرندو ۽ جيڪي ڪجهه به هن زبان مان ادا ٿيندو آهي اهو رسول جي حيثيت سان ئي ادا ٿيندوآهي“ اصحابي سڳورا حديث شريف کي به قرآن وانگر ئي اهميت ڏيندا هئا. قرآن ۽ صحيح ثابت حديث ۾ فرق نه ڪندا هئا حڪم ۽ عمل جي اعتبار کان .حضرت عبدالله بن مسعود ؓ جي روايت ڪيل حديث مان ثابت ٿئي ٿو جنهن کي امام بخاري (11) ۾ نقل ڪئي آهي ته حضرت عبدالله بن مسعود ؓفرمايو ته الله تعالی انهن عورتن تي لعنت فرمائي آهي جيڪي پنهنجي جسم کي گودن ۽ گودائين ٿيون وار ڳنڍي ڪري ڊگها ڪن ٿيون ۽ منهن جا وار پٽن ٿيون ۽ خوبصورتيءَ لاءِ ڏندن ۾ خلا پيدا ڪن ٿيون ،الله جي تخليق کي تبديل ڪن ٿيون. اها ڳالهه بنو اسد قبيلي جي هڪ عورت تائين پهتي جنهن کي ام يعقوب سڏيندا هئا.اها عورت حضرت عبدالله بن مسعودؓوٽ آئي ۽ چوڻ لڳي ته مون کي توهان جي باري ۾ هي خبر ملي آهي ته توهان انهن عورتن تي لعنت ڪئي آهي .تنهن تي حضرت عبدالله بن مسعود ؓ چيو ته ” مان ڇو نه انهن عورتن تي لعنت ڪريان جن تي رسول الله ﷺلعنت ڪئي آهي ۽ اها الله جي ڪتاب ۾ به آهي.“اها عورت چوڻ لڳي ته ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مان هي پورو قرآن پڙهيو آهي جيڪو ٻن جلدن جي وچ ۾ آهي مون کي ته اهو حڪم ناهي مليو تنهن تي حضرت عبدالله بن مسعود ؓوراڻيو ته قسم آهي الله جو جيڪڏهن تون قرآن پڙهيو هجي ها ته توکي اهو حڪم ضرور ملي ها. تنهن کان پوءِ حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله هي آيت تلاوت ڪئي .**وَ مَاۤ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُۗ وَ مَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْاۚ** . (12)”۽ رسول جيڪي ڪجهه توهان کي ڏي ان کي وٺو ۽ جنهن کان توهان کي روڪي ان کان رڪجي وڃو.“ سورت حشر جي هي آيت آهي جنهن جي واضح دليل آهي جنهن کي حضرت عبدالله بن مسعودؓ دليل بڻايو آهي.

## معاشري کي مثالي بڻائڻ ۾سنت جو ڪردار:

**الله تعاليٰ** انسان ذات جي اصلاح ۽ سڌاري لاءِ وحيءَ جو سلسلو جاري رکيو ۽ وحي سان گڏوگڏ انبياءَ جي زندگي کي معاشري جي لاءِ هڪ ماڊل ۽ اسوة حسنة بڻايو ته جيئن وحيءَ جي ذريعي موڪليل تعليم ۽ حڪمن کي عملي شڪل ڏني وڃي.قرآن مجيد انسان ذات لاءِ هڪ دستور حيات جي حيثيت رکي ٿو.هن دستور حيات کانسواءِ انساني معاشري کي تشڪيل نٿو ڏئي سگهجي ۽ هن انساني معاشري کي هڪ

مثالي ڪردار جي ضرورت پوي ٿي جيڪو ڪردار هن قرآن مجيد کي عملي جامو پهرائي ۽ معاشري جي لاءِ رول ماڊل پيش ڪري ته جيئن ٻين انسانن جي لاءِ زندگي گذارڻ جو طريقو بڻجي ۽ نسل انساني لاءِ اسوة حسنة بڻجي. انسان ذات ان جي زندگي کي واپرائي ۽ ان جا طور طريقا ڏسي ڪري معاشري کي مثالي بڻائي ۽ قرآن مجيد جي حڪمن تي عمل ڪري.اها مثالي زندگي الله جي رسول ﷺ جن جي آهي جنهن کي الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ هيئنن ارشاد فرمايو آهي:**لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ** (13)ترجمو:"توهان جي لاءِ رسول جي زندگي ۾ بهترين نمونو آهي"قرآن مجيد هڪ ٿيوري ۽ نصاب پيش ڪري ٿو۽ نبي ڪريم ﷺ جن هن قرآن کي معاشري جي اڳيان پريڪٽيڪل طور پيش ڪن ٿا.قرآن مجيد کي عملي شڪل ۾ پيش ڪرڻ واري عمل کي سنت سڏيو وڃي ٿو.هن سنت جي تائيد به الله تعالىٰ فرمائي آهي ته: **وَ مَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى**(۳)**اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى(۴)** (14)قرآن مجيد جي عملي حڪمن ۽ عملي پهلوئن کي سمجهڻ لاءِ سنت جو سهارو وٺڻو پوندو. قرآن مجيد جي تلاوت ڪرڻ سان اسان کي حڪمن جي ته خبر پئجي سگهي ٿي ته هي شيءِ جائز آهي ۽ فلاڻي شيءِ جائز ناهي.قرآن مجيد جي عملي حڪمن ۾ روح تڏهن پئجي سگهي ٿو جڏهن اسان سنت جو مطالعو ڪنداسين ۽ سنت تي عمل ڪنداسين ته پوءِ انهن حڪمن کي ان روح سان عمل ڪري سگهنداسين.جيئن الله تعالىٰ چاهي ٿو.الله تعالىٰ نبي ڪريم ﷺ جي بعثت جو مقصد هن آيت ۾ واضح طور بيان ڪيو آهي ته: **هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ (۱) وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ(۲)** (15)ترجمو"اهو ئي الله آهي جنهن اڻ پڙهيلن منجهان هڪ رسول موڪليو جيڪو انهن کي آيتون پڙهي ٻڌائي ٿو ۽ انهن جي زندگي سنواري ٿو ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏئي ٿو ".جڏهن ته ان کان اڳ اهي پڌري گمراهي ۾ پيل هئا.يتلوا عليهم مان مراد آهي ته الله جو رسول ﷺ ماڻهن کي قرآن پڙهي ٻڌائي ٿو.نبوت جي ذميواري صرف اها ناهي ته پاڻ سڳورا ﷺ جن ماڻهن کي صرف قرآن مجيد پڙهي ٻڌائن پر اهو به سندن جي ذميواري ۾ شامل آهي ته پاڻ انسانن جي زندگي کي سنوارين.ويعلمهم الڪتاب و الحڪمة مان مراد آهي ته ماڻهن کي ڪتاب ۽ سنت جي تعليم ڏين ۽ پاڻ عمل ڪن.نبوت جي اهم ذميوارين مان هڪ اهم ذميواري اها به آهي ته پاڻ سڳورا ﷺجن قرآن جي حڪمن تي ائين عمل ڪرائن جيئن الله تعالىٰ کي مطلوب ۽ پسند آهي.اصحابي سڳورن قرآن مجيد ۾ هي حڪم پڙهيو ته اقيموا الصلواة نماز قائم ڪريو. هن آيت مبارڪ مان اها ڳالهه ته انهن کي سمجهه ۾ آئي ته الله تعالىٰ اسان کي نماز قائم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي پر اهو نه سمجهي سگهيا ته نماز ڪيئن قائم ڪئي ويندي آهي اهو تڏهن سمجهيا جڏهن پاڻ سڳورن کي نماز پڙهندي ڏٺائون.تنهن کان پوءِ اصحابي سڳورا سمجهي ويا ته نماز هن طريقي سان پڙهبي آهي.ان کانسواءِ نماز۾ خشوع ۽ خضوع پيداڪرڻ جو حڪم ته آيو آهي ته اهو خشوع ۽ خضوع ڪيئن پيدا ڪيو وڃي.الله تعالىٰ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو :"**قَدْ اَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ(۱)الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خٰشِعُوْنَ(۲)** (16)ترجمو:بيشڪ فلاح حاصل ڪئي ايمان وارن جيڪي پنهنجي نمازن ۾ خشوع ۽ خضوع اختيار ڪن ٿا".اصحابي سڳورن هي آيتون ٻڌي معنىٰ مطلب ته سمجهي ويا پر انهن کي هن خشوع ۽ خضوع جي ڪيفيت تڏهن معلوم ٿي جڏهن انهن پاڻ سڳورن سان گڏ نمازون ادا ڪيون ۽ پاڻ سڳورن ﷺ جي خشوع ۽ خضوع واري ڪيفيت ڏٺائون ته پوءِ انهن کي خبر پئي ته نماز۾ هيئن خشوع ۽ خضوع پيدا ٿيندو آهي . عن مطرف عن ابيه قال: رايت رسول الله ﷺ. يصلي

وفي صَدرِهِ ازِيز ڪازيز الرَحَي من البڪاءِ (17) حضرت مطرف پنهنجي والد کان روايت ڪري ٿو ته مان رسول اللهﷺجن کي نماز پڙهندي ڏٺو ته پاڻ سڳورنﷺ جن جي سيني مبارڪ مان روئڻ جي ڪري ائين آواز اچي رهيو هو جيئن چڪي هلندي آهي.نبي ڪريم ﷺ جن جي هن خشوع ۽ خضوع کي ڏسي اصحابي سڳورا سمجهي ويا ته خشوع ۽ خضوع جي اها ڪيفيت آهي اهڙي طرح پاڻ سڳورن ﷺ جن نماز کي پنهنجي اکين جو ٺار قرار ڏنو آهي عن انس قال: قال رسول الله ﷺ: وجعل قُرَةُ عيني في الصلواة.(18)حضرت انس رضي الله کان روايت آهي ته پاڻ سڳورن ﷺجن فرمايو ته منهنجي اکين جو ٺار نماز ۾ رکيو ويو آهي.هي نبي ڪريم ﷺجن جا صرف الفاظ ناهن پر حقيقت ۾ به اصحابي سڳورن رضي الله اجمعين پاڻ سڳورن کي اهڙي ڪيفيت ۽ حالت ۾ ڏٺو ۽ پاڻ سڳورا ﷺ نمازن جو وڌ ۾ وڌ خيال ۽اهتمام ڪندا هئا. عن عائشته رضي الله عنها عن النبي ڪان يقوم من الليل حتي تنفطر قدماه فقالت : لِمَ تصنع هذا يا رسول الله وقد غفرالله لڪ ماتقدم من ذنبڪ وماتاخر؟ قال: افلا احبُ ان اڪون عبداً شڪوراً فلما ڪثُرَ لحمه صلي جالساً فاذا ارادان يرڪع قام فقرا ثم رڪع. (19) حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي ته پاڻ سڳورا ﷺ جن رات جو ايڏو قيام ڪندا هئا جو پاڻ سڳورن جا پير مبارڪ ڦاٽي پوندا هئا تنهن تي عائشه رضي الله عنها پاڻ ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو ته اي الله جا رسول توهان ايڏي مشقت ڇو ٿا ڪريو جڏهن ته توهان جون اڳيون ۽ پويون سڀ خطائون معاف ڪيون ويون آهن.تنهن تي پاڻ سڳورنﷺجن وراڻيو ته ڇا مان شڪر گذاربانهو نه بڻجان.جڏهن رسولﷺجن جي جسم مبارڪ ۾ واڌ اچي وئي يعني پاڻ جسم ۾ ڀرجي ويا ته ويهي نماز پڙهندا هئا جڏهن رڪوع ڪرڻ جو ارادو ڪندا هئا ته پاڻ اٿي ڪري ڪجهه تلاوت ڪرڻ کان پوءِ رڪوع ڪندا هئا.اهڙي طرح اصحابي سڳورن قرآن مجيد ۾ دعا جي ترغيب بار بار پڙهي ته : **وَ قَالَ رَبُّكُمُ ادْعُوْنِيْٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ ؕ** (20)ترجمو:”رب چوي ٿو ته توهان مونکي سڏيو مان توهان جون دعائون قبول ڪندس.اصحابي سڳورا هن آيت جي مطلب کان واقف هئا پر دعا جي ڪيفيت تڏهن معلوم ٿي جڏهن هنن رسول الله ﷺجن کي بدر جي ميدان ۾ خشوع ۽ خضوع ،عاجزي ۽ انڪساري سان نبي ڪريم ﷺ جن کي دعا ڪندي ڏٺو پاڻ سڳورا دعا گهري رهيا هئا ته :”اللهم اني انشُدڪ عهَدڪ ووعدڪ اللهم ان شئت لم تعبد.(21) اي الله مان توکي تنهنجي وعدي جو واسطو ڏيان ٿو اي الله جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته هي ٿوري جماعت هلاڪ ٿي وڃي ۽ تنهنجي عبادت نه ٿئي.پاڻ سڳورا ايتري ته عاجزي ۽ انڪساري سان دعا گهري رهيا هئا جو پاڻ ڪريم ﷺ جي ڪلهن مبارڪن تان چادر به ڪري پئي اهو منظر ڏسي ڪري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله جن جي اکين مان ڳوڙها تري اچن ٿا ۽ پاڻ سڳورن جي چادر مبارڪ کڻي ڪري کين ڪلهن تي رکن ٿا ۽ چون ٿا ته حسبڪ اي الله جا رسول توهان جي لاءِ الله ڪافي آهي.اها عجز ۽ عاجزي واري ڪيفيت صرف الفاظن جي معنيٰ مطلب کي سمجهڻ سان نٿي پيدا ٿي سگهي.اها ڪيفيت اسان جي عبادتن ۾ تڏهن پيدا ٿيندي جڏهن اسان پنهنجي هر عمل کي نبي ڪريم ﷺ جن جي طريقي ۽ سنت مطابق ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.نبي ڪريم ﷺجن جي سنت تي عمل ڪرڻ سان اسانجي معاشري جي اصلاح ٿي سگهي ٿي.اها سنت قول جي صورت۾هجي يا عمل جي صورت ۾ هجي.جهڙي طرح اصحابي سڳورن عرب جي اڻ پڙهيل ڳوٺاڻن جي زندگي کي نبي ڪريمﷺجن جي سيرت ۽ سنت تي عمل ڪري مثالي بڻايو اهڙي طرح اسان به پنهنجي معاشري کي مثالي بڻائي سگهون ٿا.

## حوالاجات:

1. بخاري، ابوعبدالله، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام الرياض، 1999ع، حديث نمبر6431. ص582.
2. ایضاََ
3. قزويني، ابوعبدالله محمد بن يزيد، ابن ماجه، سنن ابن ماجه، داالسلام، الرياض2009ع، حديث3056 ص 558.
4. بخاري، ابوعبدالله، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام الرياض، 1999ع، حديث نمبر7078. ص1219.
5. الحشر59، آيت7
6. الاحزاب33، آيت 36.
7. النسآء4، آيت59.
8. النجم53، آيت 3،4
9. مودودي، ابوالاعلی، سيد، سيرت سرورعالم، ادارفه ترجمان القرآن، لاهور1978، جلد1 ص 243
10. سجستاني. ابودائود. سليمان بن اشعث، سنن ابودائود، دارالسلام، الرياض2009ع، حديث نمبر3646 ص733.
11. ایضاََ حديث نمبر 4169. ص823.
12. الحشر59، آيت7
13. الاحزاب33، آيت21.
14. النجم53، آيت 3،4
15. الجمعة62، آيت2.
16. المومنون23، آيت 1،2.
17. سجستاني. ابودائود. سليمان بن اشعث، سنن ابودائود، دارالسلام، الرياض2009ع، حديث نمبر904 ص191.
18. نسائي، ابوعبدالرحمان، احمد بن شعيب، بن علي، بن سنان، سنن نسائي، دارالسلام، الرياض، 2009ع، حديث نمبر 3391
19. بخاري، ابوعبدالله، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام الرياض، 1999ع، حديث نمبر4837. ص856.
20. المومنون23 آيت60.
21. بخاري، ابوعبدالله، محمد بن اسماعيل، صحيح البخاري، دارالسلام الرياض، 1999ع، حديث نمبر3953. ص668